SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1973
# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1973
# سنڌ سروس ٽربيونلس آرڊيننس، 1973
# THE SINDH SERVICE TRIBUNALS ORDINANCE, 1973
## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ٽربيونلس
Tribunals

4. ٽربيونلس ۾ اپيل
Appeal to Tribunals

5. ٽربيونلس جا اختيار
Powers to Tribunals

6. مقدمن ۽ ٻين ڪارروائين کان جهل
Abatement of suits and other proceedings

7. ڪيسن جي منتقلي
Transfer of cases

8. قاعدا

Rules

9. جي منسوخي XXVIII آرڊيننس پاڪستان اولهه جي 1969

Repeal of West Pakistan Ordinance XXVIII of 1969

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1973

# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1973

# سنڌ سروس ٽربيونلس آرڊيننس، 1973

# THE SINDH SERVICE TRIBUNALS ORDINANCE, 1973

[7 سيپٽمبر 1973]

آرڊيننس جنهن ذريعي سرڪاري ملازمن جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن سان لاڳاپيل معاملن جي سلسلي ۾ دائره اندر اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ سروس ٽربيونلس قائم ڪيا ويندا.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سرڪاري ملازمن جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن سان لاڳاپيل معاملن جي سلسلي ۾ دائره اندر اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ ۽ ان سان لاڳاپيل ۽ ساڳين معاملن لاءِ سروس ٽربيونلس جو قيام ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سروس ٽربيونلس آرڊيننس، 1973 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

(3)اهو سمورن سرڪاري ملازمن تي لاڳو ٿيندو، پوءِ اهي

جتي بہ هجن.

**وصفون Definitions**

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي:

(a) "سرڪاري ملازم" مطلب ساڳيو مطلب جيئن سنڌ سول سرونٽس آرڊيننس، 1973 ۾ آهي؛

(b) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(c) "ٽربيونل" مطلب دفعہ 3 تحت قائم ڪيل سروس ٽربيونل.

**ٽربيونلس Tribunals**

3. (1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هڪ يا وڌيڪ ٽربيونلس قائم ڪري سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ ٽربيونل قائم ڪيا وڃن تہ حڪومت نوٽيفڪيشن ۾ سرڪاري ملازمن جو درجو يا درجا بيان ڪندي، يا علائقائي حدون، جن ۾ ٽربيونلس هن آرڊيننس تحت ڪارروائي ڪندا.

(2)ٽربيونل کي سرڪاري ملازمن جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن سان لاڳاپيل معاملن ۽ بشمول انتظامي معاملن جي هنگامي دائره اختيار حاصل هوندو.

(3)ٽربيونل مشتمل هوندو:

(a) چيئرمين، جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جج رهيو هجي يا هاءِ ڪورٽ جي جج ٿيڻ جي اهليت رکندو هجي؛ ۽

(b)بہ ميمبرز جن مان هر هڪ جنهن وفاقي يا صوبائي حڪومت ۾ گهٽ ۾ گهٽ 17 سالن کان ڪلاس I ۾ عهدو رکيو هجي.

(4)ٽربيونل جو چيئرمين ۽ ميمبر حڪومت طرفان اهڙن شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيا ويندا، جيئن اها طئي

ڪري.

(5)ٽربيونل جو چيئرمين يا ميمبر هٿ اکرين گورنر کي استعيفيٰ اماڻي سگهي ٿو.

(6)ٽربيونل جو چيئرمين يا ميمبر پاڪستان جي سروس ۾ ڪو ٻيو منافعي وارو عهدو نہ رکندو.

ٽربيونلس ۾ اپيل
Appeal to Tribunals

4. ڪنهن حتمي حڪم ذريعي متاثر ٿيل ڪو سرڪاري ملازم، پوءِ اهو سندس ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن جي سلسلي ۾ ڪاتي جي اختياري طرفان اصل هجي يا اپيليٽ ذريعي متاثر ٿيو هجي تہ، ڪيس اهڙو حڪم ملڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر اهڙي معاملي جي سلسلي ۾ دائره اختيار رکندڙ ٽربيونل کي اپيل ڪري سگهي ٿو:

بشرطيڪ اهو تہ:

(a)جتي سنڌ سول سرونٽس آرڊيننس، 1973 تحت يا ڪن قاعدن تحت ڪاتي جي اختياري کي اپيل، نظرثاني يا ريپريزنٽيشن پيش ڪئي وئي آهي، اهڙي حڪم خلاف ٽربيونل کي اپيل نہ ڪئي ويندي جيستائين متاثر ٿيل سرڪاري ملازم طرفان اهڙي ڪاتيوار اختياري کي اپيل يا نظرثاني جي درخواست يا ريپريزنٽيشن پيش ڪئي وئي آهي ۽ اهڙيءَ ريت ڪيل اهڙي اپيل، درخواست يا ريپريزنٽينشن جي تاريخ کي نوي ڏينهن جو عرصو گذري نہ ويو هجي؛ ۽

(b)ڪاتي جي اختياري جي ڪنهن حڪم يا فيصلي خلاف ٽربيونل ۾ ڪا اپيل نہ ڪئي ويندي، جنهن ۾ بيان ڪيو ويو هجي:

(i) درخواست گذار جي فٽنيس يا ٻي ڪا صورت جنهن ۾ ڪو شخص مقرر ڪيو ويٺو آهي يا ڪو خاص عهدو رکڻو

آهي يا اعليٰ عهدي يا گريڊ تي ترقي ڏيڻ آهي؛ يا

(ii) سرڪاري ملازم تي ڪاٽي طرفان انڪوائري جي نتيجي ۾ ڏنل سزا يا مڙهيل ڏنڊ، سواءِ ان جي جتي ڏنڊ برطرفي، هٽائڻ يا ملازمت تان لازمي رٽائرمينٽ آهي.

وضاحت: هن دفعه ۾، "ڪاٽي جي اختياري" مطلب ٽربيونل ڪانسواءِ ڪا اختياري جيڪا سرڪاري ملازمن جي شرطن ۽ ضابطن جي حوالي سان حڪم جاري ڪرڻ لاءِ مجاز آهي.

**ٽربيونلس جا اختيار**
**Powers to Tribunals**

5. (1) ٽربيونل اپيل تي، اهڙي حڪم جي تصديق ڪري سگهي ٿي، ان کي نبيري سگهي ٿي، تبديل ڪري سگهي ٿي يا ٻيهر ترتيب ڏئي سگهي ٿي، جنهن خلاف اپيل ڪئي وئي آهي.

(2) ٽربيونل کي ڪنهن اپيل جو فيصلو ڪرڻ جي مقصد لاءِ سول ڪورٽ سمجهيو ويندو ۽ ان کي ساڳيا اختيار حاصل هوندا جيڪي اهڙي عدالت کي ڪوڊ آف سول پروسيجر، 1908 (1908 جو ايڪٽ V) تحت حاصل هوندا، بشمول اختيارن جي:

(a) ڪنهن شخص جي حاضري يقيني بڻائڻ ۽ قسم تي پڇا ڳاڇا ڪرڻ؛

(b) دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ زور پرڻ؛

(c) شاهدين ۽ دستاويزن جي ڇنڊ ڇاڻ لاءِ ڪميشن جاري ڪرڻ.

(3) اپيل داخل ڪرڻ، ڪو دستاويز فائيل ڪرڻ، پيش ڪرڻ يا رڪارڊ ڪرڻ، يا ڪو دستاويز ٽربيونل مان حاصل ڪرڻ جي ڪا ڪورٽ في واجب الادا نه هوندي.

**مقدمن ۽ ٻين**

6.سڀ ڪيس، اپيلون ۽ درخواستون جيڪي ٽربيونل جي

دائره اختيار سان لاڳاپيل معاملن سان هجن ۽ هن قانون جي لاڳو ٿيڻ کان هڪدم پوءِ جڏهن پارليامينٽ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 212 جي شق (2) کي نافذ ڪيو هجي، تہ پوءِ ٽربيونل تي ان جو اڪلاءُ ڪرڻ تي پابندي هوندي، جيڪي ڪنهن بہ ڪورٽ ۾ فصيلي يا ڪيس لاءِ پيل هوندا.

بشرطيڪ ڪو سرڪاري ملازم جيڪو اهڙي مقدمي، اپيل يا درخواست ۾ ڌر آهي، اهو اهڙي قانون جي لاڳو ٿيڻ جي نوي ڏينهن اندر اهڙي معاملي جي حوالي سان جنهن ۾ اهڙو مقدمو اپيل يا درخواست هجي لاڳاپيل ٽربيونل ۾ اپيل ڪري سگهي ٿو.

ڪاررواين کان جهل
Abatement of suits and other proceedings

7. اولهہ پاڪستان سول سروسز (اپيليٽ ٽربيونلس) آرڊيننس، 1969 جي دفعہ 5 تحت جوڙيل ٽربيونل ۾ التوي هيٺ پيل سمورا ڪيس هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان فوري پوءِ دائره اختيار رکندڙ ٽربيونل ڏانهن منتقل ٿي ويندا.

ڪيسن جي منتقلي
Transfer of cases

8. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

قاعدا
Rules

9. اولهہ پاڪستان سول سروسز (اپيليٽ ٽربيونلس) آرڊيننس، 1969 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

1969 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XXVIII جي منسوخي
Repeal of West Pakistan Ordinance XXVIII of 1969

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**